١١ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ١١

اَٿ دشمو ڌيايَهَ

اڳئين اڌياءَ يوگيشور شري ڪرشڻ راڄ وديا جو چترڻ ڪيو جو نشچيہ ئي ڪلياڻ ڪري ٿي. ڏهين اڌياءَ ۾ هنجو چوڻ آهي تہ مهاباهو ارجن! منهنجي پرم رهسيہ ڀريل وچنن کي وري بہ ٻڌ. هتي هن کي ٻئي دفعو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ حقيقت ۾ ساڌڪ کي پوُرتي ٿيڻ تائين خطرو آهي. جيئن جيئن هو سوروپ ۾ ڍَلجندو ٿو وڃي. پرڪرتيءَ جا آورڻ (پردا) سوکيم ٿيندا وڃن ٿا. نوان نوان درشيہ اچن ٿا. اُنجي ڄاڻ مهاپرش ئي ڏيندا رهن ٿا. هو نٿو ڄاڻي. جيڪڏهن هو مارگہ درشن ڪرڻ بند ڪري ڇڏين، تہ ساڌڪ سوروپ جي گيان کان وانجهجي ويندا. جيستائين هو سوروپ کان دور آهي. تيستائين سِڌِ ٿيو تہ پرڪرتي جو ڪوئي نہ ڪوئي آورڻ (پردو) بڻيل آهي. ترڪڻ - لڙکڙائڻ جي سمڀاونا بڻي رهي ٿي. ارجن شرن ۾ آيل شِشُ آهي. هن چيو هو شِشِيَستي هَمِ شاڌي ماِ تُوامِ پرَپَنَمِ'' ڀڳوان ! مان توهانجو شِشُ آهيان، توهانجي شرڻ آهيان، مونکي سنڀاليو، هاڻي هن جي ڀلائيءَ جي ڪامنا جي لاءِ يوگيشور شري ڪرشڻ وري چيو:-

श्रीभगवनुवाच

भूय एव महाबाहो श्रृणु मे परमं वच:।
यत्तेऽहं प्रीयमाणाय वक्ष्यामि हितकाम्यया ।।१।।

شري ڀڳوان اُواچ

''ڀوُيَہ ايڪ مهاباهو شِرڻُ مي پرمَمِ وَچَهَ
يَتيهَمِ پريِيَماڻايہَ وَڪشيامِي هِتَڪامِيَيا (١)

مهاباهو ارجن! منهنجي پرم پرڀاوَ ڀريل وچن کي وري ٻڌ،

جو مان توکي بيحد پريم رکڻ وارن جي ڀلي جي اڇا سان چوندس.

न मे विदु: सुरगणा: प्रभवं न महर्षय:।

अहमादिर्हि देवानां महर्षीणां च सर्वश:।।२।।

''نَ مي وِدُهَ سُرَگڻاهَ پرَڀَوَمِ نَ مَهَرِشَيَهَ

اَهمادِيرِ هي ديوانامِ مَهَرِشيڻامِ چَ سَرِوَشَهَ (٢)

منهنجي اُتپتيءَ کي نہ ديوتا لوڪ ڄاڻن ٿا ۽ نہ مهرشي گڻ ئي ڄاڻن ٿا، ''جَنمِ ڪَرمَ چَہ مي دِويَمِ '' منهنجو هيءَ جنم ۽ ڪرم الوڪڪ آهن. انهن کي چمڙي جي اکين سان نٿو ڏسي سگهجي. منهنجي پرگهٽ هئڻ کي ديو ۽ مهرشي ليول تائين پهتل لوڪ بہ نٿا ڄاڻن. مان هر پرڪار سان ديوتائن ۽ مهرشين جو آدي ڪارڻ آهيان.

यो मामजमनादिं च वेत्ति लोकमहेश्वरम्।

असम्मूढ स मर्त्येषु सर्वपापै: प्रमुच्यते।।३।।

''يومامَجَمَناديمِ چہ ويتي لوڪمهيشورَمِ

اَسَمِموڙهہ سَ مَترِيشوُ سَروَپاپَئيهہ پرَمُچِيَتي (٣)

جيڪو مون جنم مرتيو کان رهت، آدي انت کان رهت سيني لوڪن جو مهان ايشور کي ساکياتڪار سهت ڄاڻي وٺي ٿو، اُهو پرش مرڻ ڌرمي منشن ۾ گيانوان آهي ارٿات نہ جمڻ وارو، انادي ۽ سيني لوڪن جو مهيشور کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ ئي گيان آهي ۽ اهڙو ڄاڻڻ وارو سيني پاپن کان مکت ٿي وڃي ٿو، پُنر جنم کي پراپت نٿو ٿئي. شري ڪرشن چون ٿا تہ هيءُ گيان جو انيوءُ بہ منهنجي ئي دين آهي.

बुद्धिर्ज्ञानमसम्मोह: क्षमा सत्यं दम: शम:।

सुखं दु:खं भवोऽभावो भयं चाभयमेव च।।४।।

''بُڌير گيانمَسَمِموهَهہ ڪشَما سَتيَمِ دَمَهہ شَمَهہ

سُکَمِ دُکَمِ ڀَوويَاوو ڀَيمِ چاڀَيَميوَ چَہ (۴)

ارجن! نشچيہ آتمڪا ٻُڌي ساڪياتڪار سھت چاڻ، لڪشيہ ۾ وويڪ پوُروڪ پرورتي اشما (معافي) پوترستيہ، اندرين کي روڪڻ، من تي ظابطو، انتھڪرڻ جي پرسنتا، چنتن پَٽَ جا ڪشٽ، پرماتما جي جاگرتي، سوروپ جي پراپتي ڪال ۾ سڀ ڪجھہ وِلين، اِشٽ جي لاءِ انوشاسن آتمڪ دِپ ۽ پرڪرتيءَ کان نريئتا ۽

अहिंसा समता तुष्टिस्तपो दानं यशोऽयशः।
भवन्ति भावा भूतानां मत्त एव पृथग्विधाः।।५।।

”اهنسا، سمتا، تُشٽِسِتَپو دانَم يشويَشهَ
ڀَوَنتي ڀاوا ڀوتانام مَتَ ايوَ پرِٿِگوڌاهَ (۵)

اهنسا ارٿات پنھنجي آتما کي اڌوگتيءَ ۾ نہ پھچائڻ جو آچرڻ ، سمتا جنھن ۾ نفرت دشمني نہ ھجي، سنتوش تپ من سان گڏ اندرين کي صحيح نموني ۾ تپائڻ، دان ارٿات سَروَسِيَہ جو سمرپڻ، ڀڳوت پَٽَ ۾ مانَ اپمان جو سھڻ اھڙي طرح پراڻين جا مٿي چيل ڀاوَ مونکان ئي ٿين ٿا. اهي سڀ ڀاوَ دَئوي چنتن راهہ جا لڪشڻ آهن. اِنھن جو نہ ھئڻ ئي آسُري (راڪشسي) سمپد آهي.

महर्षयः सप्त पूर्वे चत्वारो मनवस्तथा।
मद्भावा मानसा जाता येषां लोक इमाः प्रजाः।।६।।

’مَهرِشيَهَ سَپتَ پوُروي چتوارو مَنوَسِتٿا
مَدِڀاوا جاتا ييشام لوڪ اِماهَ پرَجاهَ (٦)

سپترشي معنيٰ يوگہ جون ست نمبروار ڀومڪائون (شڀ اڇا سوُيچارڻم تنُمانسا، ستواپتي، اسنسڪتي ۽ تُرِيگا) ۽ انھن جي انوروپ انتھڪرڻ چتُشتيہ (من، ٻُڌي چِتُ ۽ اهنڪار) اُن کان انوروپ من جو مون ۾ ڀاوَ وارو آهي. هي سڀ منھنجي ئي سنڪلپ سان (منھنجي پراپتي جا سنڪلپ سان ۽ جو منھنجي

ئي پريرڻا سان ٿين ٿا. ٻئي هڪ ٻئي جا پوُرڪ آهن) اُتپن ٿين ٿا. هن سنسار ۾ هيءُ (سمپورن دَئِوي سمپد) انهن جي پرجا آهي چاڪاڻ تہ ستن ڀومڪائن جي ڦهلاءَ ۾ (دَئِوي سمپد) ئي آهن، ٻيا نہ آهن.

एतां विभूतिं योगं च मम यो वेत्ति तत्त्वत:।
सोऽविकम्पेन योगेन युज्यते नात्र संशय:।।७।।

”ايتاٖمِ وِڀوُتيٖمِ يوگَمِ چَہ مَمَ يوويتي تَتِوَتَهہ
سو وِڪمِپينَ يوگينَ يُجِيَتي ناتِرَ سَنِشَيَهہ (٧)

جو پرش يوگہ جي ۽ منهنجون مٿي ٻڌايل وڀوتين جو ساڪياتڪار سان گڏ ڄاڻي ٿو، اُهو اسٿر ڌيان يوگہ دوارا مون ۾ هڪ ڀاوَ سان اسٿر ٿئي ٿو. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. جهڙي طرح هوا کان رهت اسٿان ۾ رکيل ديپڪ جي لَئُہ سڌي وجي ٿي، ڦر نٿي ٿئي، يوڳيءَ جو جيتيل چت جي اهائي پريڀاشا آهي، نشاني آهي هن ڏنل سلوڪ ۾ اَوِڪمِپين شبد انهي آشيہ طرف اشارو ڪري ٿو.

अहं सर्वस्य प्रभवो मत्त: सर्वं प्रवर्तते।
इति मत्वा भजन्ते मां बुधा भावसमन्विता:।।८।।

” اَهَمِ سَرِوَسِيہَ پِرَڀَوو مَتَهہ سَرِوَمِ پِرَوَرِتَتي
اِتي مَتوا ڀَجَنِتي مامِ بُڌا ڀاوَسَمانِوِتاهہ (٨)

مان سمپورڻ جڳت جي اُتپتيءَ جو ڪارڻ آهيان، مون مان ئي سڄو جڳت چيشٽا (ڪوشش) ڪري ٿو، ان طرح مڃي شرڌا ۽ ڀڳتي سان ڀريل ويڪي جَنَ منهنجو نرنتر ڀڄن ڪن ٿا. تاتپرج اهو آهي تہ يوڳي دوارا منهنجي انوُروپ جا پرورتي ٿئي ٿي، اُن ۾ ئي مان ئي ڪريان ٿو. اهو منهنجو ئي پرساد آهي ڪيئن آهي؟ (اهو پنيان، هن کان اڳہ جڳهہ جڳهہ تي ٻڌايو ويو آهي) هو نرنتر ڀڄن ڪهڙي طرح ڪن ٿا؟ ان تي ٻڌائين ٿا:-

मच्चित्ता मद्गतप्राणा बोधयन्तः परस्परम्।
कथयन्तश्च मां नित्यं तुष्यन्ति च रमन्ति च।।९।।

”مَچِتا مَدِگَتَپراڻا بوڌَيَنتَھ پَرَسپَرَمِ
ڪَٿَيَنتَشچ ماںِ نِتيَمِ تُشيَنتي چَ رَمَنتي چَ (٩)

ٻئي ڪنھن کي اسٽان نہ ڏيئي مون ۾ ئي نرنتر چت جي لڳائڻ وارا، مون ۾ ئي پراڻن کي لڳائڻ وارا سدائين پرسپر منھنجين پرڪريائن جو ٻوڌ ڪن ٿا. منھنجو گڻ ڳان ڪندي ئي سَنتُشِٽ ٿين ٿا. سدائين مون ۾ رمندا رھن ٿا.

तेषां सततयुक्तानां भजतां प्रीतिपूर्वकम्।
ददामि बुद्धियोगं तं येन मामुपयान्ति ते।।१०।।

”تيشامِ سَتَتَيُڪتانامِ ڀَجَتامِ پريتپوُروَڪَمِ
ددامي بڌِيوگَمِ تَمِ ييِنَ ماموُپَيانِتي تي (١٠)

نرنتر منھنجي ڌيان ۾ لڳل ۽ پريم پوروڪ ڀڄن ڪرڻ وارن اُنھن ڀڳتن جو مان ٻڌي يوگہ ارٿات يوگہ ۾ پرويش واري ٻڌي ڏيان ٿو، جنھن سان ھو مونکي پراپت ٿين ٿا ارٿات يوگہ جي جاگرتي ايشور جي ڏين آھي. اُھو اويڪت پرش مھاپرش يوگہ ۾ پرويش ڏيارڻ واري ٻڌي ڪيئن ٿو ڏئي؟

तेषामेवानुकम्पार्थमहमज्ञानजं तमः।
नाशयाम्यात्मभावस्थो ज्ञानदीपेन भास्वता।।११।।

”تيشا ميوا نوُ ڪِمپارٿ مَھمَگيانَجمِ تَمَھ
ناشَيا مِياتَمَ ياوَستو گياندِيپين ياسِوَتا (١١)

اُنھن جي مٿان پورڻ ڪرپا ڪرڻ لاءِ مان اُنھن جي آتما کان الڳ کڙو ٿي، رَٿي ٿي اگيان کان اُتپت ٿيل انڌڪار کي گيان روپي ديپڪ جو دوارا، پرڪاش ڪري نشٽ ڪريان ٿو. حقيقت ۾ ڪنھن استرتپرگيہ يوگيءَ دئاران جيستائين اُھو پرماتما توھانجي آتما مان ئي جاڳرت ٿي پل-پل تي بندوبست نٿو

ڪريان، روڪ ٿام نٿو ڪريان، هن پرڪرتي جي جهڳڙي مان ڪيندي مان پاڻ اڳيان نٿو وني هلان، تيستائين سچ پچ يٿارٿ ڀڄن شروع ئي نٿو ٿئي. ائين ته ڀڳوان جتان ڪٿان ٻولڻ لڳن ٿا.جيڪڏهن اهڙو مهاپرش اوهان کي پراپت نه آهي، ته هو صاف نه ٻوليندا.

اِشٽ ستگرو يا پرماتما جو رَٿي ٿيڻ هڪ ئي ڳالهه آهي. ساڌڪ جي آتما مان جاڳرت ٿيڻ تي اُن کي حڪم چئن قسمن جا ملن ٿا، پهرين استول،سُرا-سنٻنڌي انيوَ ٿئي ٿو. توهين چنتن ۾ وهو ٿا. ڪڏهن توهانجو من لڳڻ وارو آهي،ڪيتري حد تائين لڳي ويو آهي؟ ڪڏهن من ڀڄڻ چاهي ٿو ۽ ڪڏهن ڀڄي ويو؟ هن کي هر منٽ- سيڪنڊ ۾ عضون جو جهولو، ڏوڏو اشارو ڪن ٿا. انگن جو ڦڙڪڻ استول سُرا سنٻنڌي انيوَ آهي، جو هو پل ۾ ٻن چئن استانن تي گڏ ايندو آهي ۽ توهانجي وڪرت (بدلجڻ) تي منٽ منٽ ۾ اچڻ لڳي ٿو. اهو اشارو تڏهن ايندو آهي، جڏهن اشٽ جي سوروپ کي انيني ڀاوَ سان پڪڙيو نه ته ساڌارڻ جيِون ۾ سنسڪار جي ٽڪراوَ سان انگن ۾ ڏوڏو ۽ لرزش ٿيندي رهندي آهي، جن جو اشٽ وارن سان ڪو لاڳاپو ڪونهي.

ٻيو انيوءَ سوَپرَسُرا- سنٻنڌي ٿيندو آهي. ساڌارڻ منش پنهنجي واسنائن سان سنٻنڌي سپنا ڏسندو آهي، پر جڏهن توهين اِشٽ کي پڪڙيندا ته هيءُ سپنا ٻه آديش ملڻ تي بدلجي ٿا وڃن، يوگي سپنو نه ڏسندو آهي اُهو هوني ٿيڻ واري وارتا ڏسندو آهي.

مٿيان ٻئي انيوَ شروعاتي آهن، ڪنهن تَتوَ استٽ مهاپرش جي سنبنڌ سان، من ۾ ان جي لاءِ شرڌا رکڻ سان، اُنهن جي ٿوري تهڙي شيوا ڪرڻ سان ٻه جاڳرت ٿي ويندا آهن، پر هنن ٻنهي کان ٻه سوکيم، باقي ٻه انيوَ ڪِرِ ياتمڪ آهن، جن کي اُن

ڪريا ۾ هلي ئي ڏسي سگهبو.

ٿيون انٿوَ سُشپِتي سُرا سنبنڌي ٿيندو آهي. سنسار ۾ سڀ سمهن ئي ٿہ ٿا. موهہ جي رات ۾ سڀ بي خبر پيا آهن، رات ڏينهن جو ڪجهہ ڪن ٿا. سو سپنو ئي تہ آهي. هتي سُشپتي جو شڌ ارٿ آهي، جڏهن پرماتما جي چنتن جي اهڙي ڏوري لڳي وڃي تہ سُرت (خيال) هڪدم استر تي وڃي، شرير جاڳندو رهي ۽ من سُپت تي وڃي. اهڙي اوسٿا ۾ هو اِشٽ ديو وري هڪڙو اشارو ڏيندو. يوگہ جي اوسٿا جي انوسار هڪ روپڪ درشيہ اچي ٿو. جو صحيح دِشا ڏئي ٿو، ماضي ۽ آئيندهہ سان سڃاڻپ ڪرائي ٿو. پوجيہ مهراج جي چوندا هئا تہ جيئن ڊاڪٽر بہ بيهوشيءَ جي دوا ڏيئي، صحيح دوا ڏيئي هوش ۾ آڻيندو آهي ائين ئي ڀڳوان بڌائي ڇڏين ٿا چوٿون ۽ انتم انيوَ سمسُرا-سنبنڌي آهي. جنهن ۾ سرت لڳائي هئي، اُن پرماتما ڪان سَمَتِوَ پراپت ٿي ويو، اُن ڪان پوءِ اُٿندي وهندي، گهمندي ڦرندي سپني مان هنکي ان انيو تي ٿيڻ لڳي ٿو، هيءُ يوگي تِرڪالِگيہَ (ٽنهي ڪالن کي ڄاڻڻ وارو ٿيندو آهي) جاڳرتتي اگيان روپي انڌڪار کي گيان روپي ديپ سان، نشٽ ڪن ٿا. ان تي ارجن سوال ڪيو:-

अर्जुन उवाच

परं ब्रह्म परं धाम पवित्रं परमं भवान्।

पुरुषं शाश्वतं दिव्यमादिदेवमजं विभुम्।।१२।।

شري ارجن اواچ

”پَرَمِ بِرِهَمَ پَرَمِ ڌامَ پَوِتِرَ ۾ پَرَمَمِ ڀَوانِ

پُروشِمِ شاشِوَتَمِ دِوِيَما ديديوَ مَجمِ وِڀُوُمِ (١٢)

आहुस्त्वामृषयः सर्वे देवर्षिर्नारदस्तथा।

असितो देवलो व्यासः स्वयं चैव ब्रवीषि मे।।१३।।

''آهُوَ سِتِوا مِرشُيَهہ سَروي ديوَ رِشينارِدَستٿا
آسِتو ديوَلو وِياسَم سُوِيَمِ چئِيوَ بِروِيَشِي مي (١٣)

ڀڳوان ! توهين پاربرتهم، پرم ڌام ۽ پَرمَ پوتر آهيو، ڇاڪاڻ تہ توهان کي سڀئي رشي گڻ سناتن، دِويَپُروش ديون جا بہ آدي ديو، اجنما ۽ سَروياپي چوندا آهن.پرم پُرُش، پرم ڌام جا ئي سم ارٿي آهيو، دِويہ پرش، اجنما آدي شبد آهن. ديو رشي نارد، است ديو، وياس ۽ سويم توهين مونکي اهو ئي چوندا آهيو. ارٿات پهرين اڳئين وقت وارا مهرشي چوندا آهن، ورتمان ۾ جن جي سنگت ملي آهي نارد، ديول، آست ۽ وياس جو نالو ورتو توهان جيڪي ارجن جي وقت وارا هئا(ستپرشن جي سنگت ارجن کي پراپت هئي) توهين بہ اهو ئي چئو ٿا. هاڻي

सर्वमेतदृतं मन्ये यन्मां वदसि केशव।
न हि ते भगवन्व्यक्तिं विदुर्देवा न दानवा:।।१४।।

''سَروَميتَدِرِ تَمِ منيي يَنمامِ وَدَسِ ڪيشَوَ
نَ هي تي ڀَگونِويَڪتيمِ وِدُرِ ديوا نَ دانَواهہ '' (١٤)

هي ڪيشو ! جو ڪجهہ بہ توهين چئي رهيا آهيو، اُهو سڀ مان ستيہ مڃيان ٿو. توهانجي شخصيت نہ ديوتا ۽ نہ دانوَ ڄاڻن ٿا.

स्वयमेवात्मनात्मानं वेत्थ त्वं पुरुषोत्तम।
भूतभावन भूतेश देवदेव जगत्पते।।१५।।

''سوَيَميوا تِمناتِمانَمِ ويتِٿَ تِوَمِ پُرُشوتَمَ
ڀوتَياوَن ڀوُتيشَ ديوديو جَگَتپَتي '' (١٥)

هي ڀوتن کي اتپن ڪرڻ وارا! هي ڀوتن جا ايشور! هي ديون جا ديو! هي جڳت جا سوامي ! هي پُرشن ۾ اُتم. توهين پاڻ ئي پاڻکي ڄاڻو ٿا يا جنهنجي آتما ۾ جاڳرت ٿي پاڻ ڄاڻايو ٿا، اُهوئي ڄاڻي ٿو. اهو بہ توهانجي دواران توهان کي ڄاڻڻ ٿيو.

تنهن ڪري

वक्तुमर्हस्यशेषेण दिव्या ह्यात्मविभूतय:।
याभिर्विभूतिभिर्लोकानिमांस्त्वं व्याप्य तिष्ठसि।।१६।।

”وڪتُرمَهَسيشيشيڻ دِويا هِياتِمَوِيوتَيَهَ
ياڀِيرِوَ ڀوُتِڀِيرِ لوڪِنمانِستَوَمِ وِياپِيَه تِشٽسي “ (١٦)

توهين پنهنجي اُنهن دِويه وڀوُتين کي سمپورڻ روپ سان ذري ماتر باقي نہ رکي چوڻ ۾ سمرٿ آهيو. جن وڀوتين دوارا توهين انهن سڀني لوڪن کي وياپت ڪري اسٿت آهيو.

कथं विद्यामहं योगिंस्त्वां सदा परिचिन्तयन्।
केषु केषु च भावेषु चिन्त्योऽसि भगवन्मया।।१७।।

” ڪَٿَمِ وِدِيامَهَمِ يوگِنِستُوامِ سَدا پَرِيچِنتَيَن
ڪيشُ ڪيشُ چَہ ڀاويشوُ چِنتِو سي ڀَگَوَنميا“ (١٧)

هي يوگن (شري ڪرشن هڪ يوگي هو) مان ڪهڙي طرح نرنتر چنتن ڪندي توهان کي ڄاڻان ۽ هي ڀڳوان ! مان ڪهڙن ڪهڙن ڀاوَن دوارا توهانجو سمرن ڪريان ؟

विस्तरेणात्मनो योगं विभूतिं च जनार्दन।
भूय: कथय तृप्तिर्हि श्रृण्वतो नास्ति मेऽमृतम्।।१८।।

”وِستَريڻاتِمَنو يوگَمِ وِڀوُتِمِ چَہ جناردن
ڀوُيَهَ ڪَٿَيَہ ترپتيرهي شِرڻُوتو ناستي ميمِرتَمِ (١٨)

هي جناردن! پنهنجي يوگہ شڪتيءَ کي ۽ يوگہ جي وڀوتي کي وري بہ وستار پوروڪ چئو. ٿوري ۾ مختصر تہ ھن اڌياءَ جي شروعات چيو ئي هو. وري چئو، ڇاڪاڻ تہ امرت تَتوَ ڏيارڻ وارن وچنن کي ٻڌڻ سان مونکي ترپتي نٿي ٿئي.

रामचरित जे सुनत अघाही। रस विशेष जाना तिन्ह नाहीं
(रामचरितमानस, ७/५२/१)

”رام چَرِت جي سُنَت اگهائي رَس وِشِ جانا تِنهَن ناهين ۱۱

رام چَرت مانس ٧-١٥٢)

جيستائين پرويش نٿو ملي وچي تيستائين ؛اُن امرت تَتوَ کي ڄاڻڻ جي پياس بڻي ٿي رهي. پرويش کان پهرين ئي اهو سوچي ڪير ويهي ويو تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ورتو، تہ اُن نہ ڄاتو. سِڌ آهي تہ هنجو مارگہ تي رڪاوٽ جي ڪري بيهڻ ٿو چاهي. تنهنڪري ساڌڪ کي پوُرتيءَ تائين اشٽ رهبريءَ کي پڪڙي رکڻ گهرجي ۽ اُنهي آچرڻ ۾ ڍلجي وڃڻ کپي. ارجن جي ڇيل جڳياسا تي يوگيشور شري ڪرشڻ چيو :-

श्रीभगवानुवाच

हन्त ते कथयिष्यामि दिव्या ह्यात्मविभूतयः।
प्राधान्यतः कुरुश्रेष्ठ नास्त्यन्तो विस्तरस्य मे।।१९।।

شري ڀڳوان اُواچ

هَنت تي ڪَٿيِشيامي دِويا هِياتِمَوِڀوُتَيَهہ
پرَڌانيَتَهہ ڪُرُشريشٺ ناسِتيَنِتو وِستَرَسِيہَمي (١٩)

ڪُروُ سريشٽ ارجن! هاڻي مان پنهنجي دِويہ (آتمڪ) ويوتين کي، اُنهن ۾ جي مکيہ ويوتين کي توکي ٻڌائيندس، ڇاڪاڻ تہ منهنجون ويوتيون (لڪشمي شان مان) جي وستار جو انت نہ آهي.

अहमात्मा गुडाकेश सर्वभूताशळयस्थितः।
अहमादिश्च मध्यं च भूतानामन्त एव च।।२०।।

اَهماتِما گُڍاڪِشَ سَرِ وَيوتا شَيَسِٿِتَهہ
اَهمادِشِچہ مَڌِيَمِ چہ ڀوُتانامَنِت ايوَچہ (٢٠)

ارجن! مان سڀ يوتن جي هرديہ ۾ اسٿت سڀ جي آتما آهيان ۽ سمپورڻ يوتن جو آدي، مڌيہ ۽ انت بہ مان ئي آهيان ارٿات جنم مرتيوُ ۽ جيون بہ مان آهيان.

आदित्यानामहं विष्णुर्ज्योतिषां रविरंशुमान्।
मरीचिर्मरुतामस्मि नक्षत्राणामहं शशी।।२१।।

آدتيانامَهم وشڻوُ جيوترتيشام رَويرَنشُمان
مَريچرمَرُتامَسمي نَڪشَتراڻامَهم شَشي (۲۱)

مان اَدِت جي ٻارهن پٽن ۾ وشڻو ۽ جوتين ۾ پرڪاشمان سورج آهيان. وايوءَ جي ڀيدن ۾ مان ماريچ نام واري وايو ۽ نکشترن ۾ چندرما آهيان.

वेदानां सामवेदोऽस्मि देवानामस्मि वासव:।
इन्द्रियाणां मनश्चास्मि भूतानामस्मि चेतना।।२२।।

ويدانام ساموَيدوسمي ديوانامَسم واسوَه
اِندرِياڻام مَنَشچاسِم ڀوتانامَسِم چيتنا (۲۲)

ويدن ۾ مان سام ويد ارٿات ڀورڻ سَمَتوَ ڏيارڻ وارو ڳائڻ آهيان. ديون ۾ مان اُنهنجو اَڌِپَتي آهيان ۽ اندرين ۾ مان من آهيان ڇاڪاڻ من جي روڪڻ سان، جهلڻ سان ئي ڄاتو وڃان ٿو ۽ پراڻين ۾ مان اُنهن جي چيتنا آهيان.

रुद्राणां शङ्करश्चास्मि वित्तेशो यक्षरक्षसाम्।
वसूनां पावकश्चास्मि मेरु: शिखरिणामहम्।।२३।।

رُدراڻام شنڪرشِچسمي وِتيشو يَڪشَرَڪشسام
واسوُنام پاوڪشِچسمي ميروهه شِکرِڻامَهم (۲۳)

يارهن رُدرَن ۾ مان شنڪر آهيان ”شنڪ اَرُهه سَ شنڪر“ ارٿات شنڪائن کان ڇٽل اوستا مان آهيان. يکش ۽ راڪشن ۾ مان ڌن جو سوامي ڪبير آهيان. اٺن وسوئن ۾ مان اگني ۽ چوٽين وارين شکائن ۾ سمير ارٿات شين جو ميل مان آهيان. اُهائي سيني کان مٿي چوٽي آهي، نه ته ڪائي پهاڙي حقيقت ۾ هي سڀ يوگه ساڌنا جون نشانيون آهن. يوگڪ شبد آهن.

पुरोधसां च मुख्यं मां विद्धि पार्थ बृहस्पतिम्।
सेनानीनामहं स्कन्द: सरसामस्मि सागर:।।२४।।

پُروڌسانہ مُکيَمِ مامِ وِڌي پارٿ بِرَهسِپَتِمِ
سينانيِنامَهمِ سِڪَنِدَهہ سَرَ سامَسِمي ساگَرَهہ (٢۴)

پُر (سڀ ڪان پهرين) جي رکشا ڪرڻ وارن پِروهتن ۾ مان ورهستي مونکي ئي ڄاڻ، جنهن سان دَئوي سمپد جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو ۽ هي پارٿ! سيناپتين ۾ مان سوامي ڪارِتڪييہ آهيان. ڪرم جو تياڳہ ئي ڪارتڪ آهي، جنهن سان چراچر (چرندڙ ۽ اڻ چرندڙ) ناس، پرلئہ ۽ اِشٽ جي پراپتي ٿيندي آهي. ندين ۾ مان سمندر آهيان.

महर्षीणां भृगुरहं गिरामस्म्येकमक्षरम्।
यज्ञानां जपयज्ञोऽस्मि स्थावराणां हिमालय:।।२५।।

مَهرشيڻامِ ڀِرگُورَهمِ گرامسمِييڪمَڪشرمِ
يَگيانامِ جَپ يَگيہ سِمِ سِٿاوَراڻامِ هِماليَهہ (٢۵)

مهرشين ۾ مان ڀِرگو آهيان ۽ واڻيءَ ۾ هڪ اکشر اونڪار آهيان جو اُن برهم جو واقفيت ڏيڻ وارو آهي. سيني پرڪار جي يگين ۾ مان جَپ يگيہ آهيان. يگيہ پرم ۾ پرويش ڏيارڻ واري آرڌنا جي وِڌي وشيش جو چترڻ آهي اُنجو تَتُ آهي. سوروپ جو سمرڻ ۽ نام جو جَپُ. ٻن واڻين کان پار ٿي وڃڻ تي نام يگيہ جي شريڻي (ڪلاس) ۾ اچي ٿو تہ واڻيءَ سان نٿو جپيو وڃي، نہ چنتن سان، نہ ڪنٺ سان تہ ٻہ هيءُ سواس ۾ جاڳرت ٿي ٿو وِڃي. فقط سَرِت کي سواس سان لڳائي من سان گهرو هلڻو پوي ٿو. يگيہ جي شريڻي وارا نام جو لهڻ چڙهڻ سواس تي آڌار ٿو رکي. هيءُ ڪِرياتمڪ آهي. استر رهڻ وارن ۾ هماليہ آهيان. سيتل، سَمَ اچل هڪ ئي پرماتما آهي. جڏهن پرلئہ ٿي، تڏهن من اُن چوٽيءَ ۾ ٻڌجي ويو. اچل، سَمَ ۽ شانت برهم جي پرلئہ نٿي ٿئي. اُنهيءَ برهم جي پڪڙ مان آهيان.

अश्वत्थ: सर्ववृक्षाणां देवर्षीणां च नारद:।
गन्धर्वाणां चित्ररथ: सिद्धानां कपिलो मुनि:।।२६।।

اَشِوَتِٿَهہ سَرِوَورڪشاڻامِ ديورشيڻامِ چَہ نارَدَهہ
گَنڌَرِواڻامِ چِترَٿَهہ سِڌانامِ ڪپِيلو مُنيَهہ (٢٦)

سيني ورڪشن (وڻن) ۾ مان اَشِوَتِٿ آهيان. اَشِوَهہ سياڻي تائين بہ جنهنجي رهڻ جي گئرنٽي نٽي ڏيئي سگهي، اهڙو اوُرڌِوَمول مَدَهہ شاخمِ اَشِوَتِٿ (١-١٥). مٿي پرماتما جنهنجو مول آهي. هيٺ پرڪرتي جنهنجون شاخائون آهن، اهڙو سنسار ۾ هڪ ورڪش آهي، جنهن کي پپر جو نالو ڏنو ويو آهي. رواجي پيپرُ جو ورڪش نہ جنهنجي پوڄا ڪرڻ لڳون. ان تي چون ٿا تہ اُهو مان آهيان ۽ ديورشين ۾ مان نارد آهيان. ناردُسيہ رَنِڌرِهَہ سَ نارد. دَئوي سمپتي اهڙي سوکيم ٿي ويئي آهي تہ سُرَ ۾ اُٿڻ واري ڌُني (ناد) پڪڙ ۾ اچي وڃي ، اهڙي جاگرتي مان آهيان. گنڌرون ۾ مان چترٿ آهيان ارٿات ڳائڻ (چنتن) ڪرڻ واريون پرورتين ۾ جڏهن سوروپ چِترت ٿيڻ لڳي، اُها اوسٿا وشيش مان آهيان، سِڌن ۾ مان ڪپل مني آهيان. ڪايائي ڪپل آهي. هن ۾ جڏهن لَئہ لڳي وڃي، اهڙي ايشوري سنچار جي اوسٿا مان آهيان.

उच्चैःश्रवसमश्वानां विद्धि माममृतोद्भवम्।
ऐरावतं गजेन्द्राणां नराणां च नराधिपम्।।२७।।

”اُچچئيوَهہ شِرَوَسَمَشِوا نامِ وِڌِي مامَمرتودِ ڀَومِ
ايراوَتَمِ گَجينِدراڻامِ نراڻا مِ چَہ نراڌِپَمِ (٢٧)

گهوڙن ۾ مان امرت مان اُتپن ٿيڻ وارو اُچَئي شِروا نامڪ گهوڙو آهيان. دنيا ۾ هر وستو ناسونت آهي. آتما ئي اجر-امر امرت سوروپ آهي. ان امرت سروپ سان جنهنجي چرپر آهي، اُهو گهوڙو مان آهيان. گهوڙو گتيءَ جي نشاني آهي. آتم تَتوِ کي گرهڻ ڪرڻ ۾ من جڏهن اوڏانهن گتي(رفتار) پڪڙي، گ

هوڙو آهي. اها رفتار مان آهيان. هاٿين ۾ ايراوت نالي هاٿي مان آهيان. منشن ۾ راجا مونکي ڄاڻُ. حقيقت ۾ مهاپرش ئي راجا آهي. جنهن وٽ ڪوٽ ڪونهي، ڪا بہ ڪوتاهي نہ آهي.

आयुधानामहं वज्रं धेनूनामस्मि कामधुक्।
प्रजनश्चास्मि कन्दर्पः सर्पाणामस्मि वासुकिः।।२८।।

آيُڌانامَهَمِ وَجرَمِ ڌينوُنامسِمي ڪامَ ڌُڪ
پِرَجَنَشِچاسِمي ڪَنِدَرپَهَہ سَرپاڻامسِمي واسُڪِهَہ (٢٨)

شسترن ۾ وَجر مان آهيان. ڳانين ۾ ڪامڌينوُ آهيان. ڪامڌينو ڪا اهڙي ڳانءِ نہ آهي. جو ڪير جي اسٿان تي من گهريا پدارٿ ڏئي. من چاهيا ڪاڌا ڏئي. رشين ۾ وششٽ وٽ ڪامڌينوُ هئي ”گو“ اندرين کي چوندا آهن. اندرين جو وس ۾ هئڻ اِشٽ کي وس ۾ رکڻ وارو پايو ويندو آهي. جنهنجون اندريون ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ اسٿر ٿي وڃن ٿيون، هن جي لاءِ هنجون اندريون ”ڪامڌينوُ“ بڻجي وڃن ٿيون. پوءِ تہ ”جو اڇا ڪرِهَهُئہ من ماهين. هر پرساد ڪڇہ درلڀ ناهين.“ (رام چرت مانس ٧-١١٣-٤) اُن جي لاءِ ڪجهہ بہ درلڀ نٿو رهي ”پِرَجنن ڪرڻ وارن ۾ نَيُن اسٿتين کي پرگهٽ ڪرڻ وارو مان آهيان. ”پِرَجنن“ هڪ تہ ڇوڪرو ٻاهر پيدا ڪيو ويندو آهي. چراچر ۾ تہ رات ڏينهن پيدا ئي ٿين ٿا. ڪُٺا ڪِئليون رات ڏينهن ڪندا آهن ائين نہ، بلڪ هڪ اۣستٿي ۾ ٻي استٿي، ان طرح ورتيُنِ جو پريورتن ٿيندو آهي، اُهو بدليل سوروپ مان آهيان. سَرپن ۾ مان واسڪي آهيان.

अनन्तश्चास्मि नागानां वरुणो यादसामहम्।
पितृणामर्यमा चास्मि यमः संयमतामहम्।।२९।।

اَنَنتَشِچاسِمي ناڳانامِ وَروُڻو يادَسامَهَمِ
پِترِرِڻامَرِ يما چاسِمي سَنيَمَتامَهَمِ (٢٩)

نانگن ۾ مان اننت ارثات شيش ناگ آهيان. ائين تہ هي کو سَرپ نہ آهي. گيتا جي سائيي وقت وارو پستڪ شريمد ڀاڳ وت ۾ هن جي روپ جي چرچا آهي تہ هن پرٿوي کان ٽيهہ هزار يوجن جي دوريءَ تي پرماتما جي وئشڻوي شڪتي آهي جنهن جي سِرَ تي هيءَ پرٿوي سرسون جي داڻن وانگر بار کان سواءِ ٽڪيل آهي. اُن يگہ ۾ يوجن جو پئمانو چاهي جو بہ رهيو هجي. پوءِ بہ هيءَ گهٽي پري آهي. حقيقت ۾ هيءُ آڪرشڻ شڪتيءَ جو چترڻ آهي. وگيانين جنهنکي ايٿر مڃيو آهي. گرهہ اُپگرهہ سڀ ان شڪتيءَ جي آڌار تي ٽڪيل آهن. اُن سچ ۾ گرهن جو ڪو بار بہ ڪونهي، هيءَ شڪتي سرپ جي ڪنڊلي وانگر سيني گ رهن کي لپيٽي رکيو آهي. اِهوئي آهي اُهو اننت جنهن ۾ پرٿوي ڌارڻ ڪئي وڃي ٿي. شري ڪرشڻ چون ٿا. اهڙي ايشوري شڪتي مان آهيان. جلچرن ۾ اُنهنجو اڌيپتي ”وَروُڻ“ آهيان ۽ پِتَرَنِ ۾ ”اريما“ آهيان. اهنسا ستيہ، اَستيہ برهمچريہ ۽ اَپرَيگرهہ پنج يَمَ آهن. انهن جي پالڻ ۾ اچڻ وارن وڪارن کي ڪاٽڻ ”اَرَهَہ“ آهي. وڪارن جي ظابطي ۾ پِتَرِ ارثات پوت سنسڪار ترپت ٿيندا آهن. نورتي پردان ڪندا آهن. شاسن ڪرڻ وارن ۾ مان يمراج آهيان ارثات مٿي چيل يمن جو نيم ۾ رکندڙ آهيان.

प्रह्लादश्चास्मि दैत्यानां कालः कलयतामहम्।
मृगाणां च मृगेन्द्रोऽहं वैनतेयश्च पक्षिणाम्।।३०।।

پرَهلادَشِچِسمي دَئيتانامِ ڪالَهہ ڪلَيَتامَهَمِ
مِرِگاڻامِ چہ مِرِگيندِروهَمِ وَئِينَتييَشِچہ پَڪشيڻامِ (۳۰)

مان دئيتن ۾ پرهلاد آهيان. (پرَ آلِهاد - پرَ جي لاءِ آلِهادِ) پريم ئي پرهلاد آهي. آسُري سمپد ۾ رهندي بہ ايشور لاءِ آڪرشڻ وياڪلتا شروع ٿيندي آهي، جنهن سان پرَ پريو جو درشن ٿيندو آهي، اهڙو پريم اُلاس مان آهيان. ڳڻڻ وارن ۾ مان وقت آهيان،

هڪ ٻہ، ٽي، چار اهڙي ٻُٽپ يا گڻ، ڪلاڪ، ڏينهن، پکش، مهنو وغيره نہ، بلڪ ايشور جي چنتن ۾ لڳل وقت مان آهيان. ايتري قدر ”جاڳت ۾ سُمرن ڪري، سووت ۾ لوَ لايہ“ لڳاتار چنتن ۾ وقت مان آهيان. جانورن ۾ مرگہ راج (يوگي بہ مِر -گ گرُڙ مان آهيان. گيان ئي گرَڙُ آهي. جڏهن ايشوريہ انوڀوتي اچڻ لڳي ٿي، تڏهن هيءُ ئي من پنهنجي آراڌيہ جي سواري بڻجي پوندو آهي ۽ جڏهن اِهوئي من سنسي ۽ شڪ سان مليل آهي. تڏهن سرپ ٿيندو آهي، ڏنگيندو رهندو آهي، جوڻين ۾ ڦٽو ڪندو آهي، گِرڙُ وشنوءَ جي سواري آهي. جا طاقت، ستا وِشوَ ۾ بنا روپ جي پکڙيل آهي. گيان سان مليل من هنکي پاڻ ۾ ڌارڻ ڪري ٿو، اُنجو هلائيندڙ بڻجي ٿو. شري ڪرشڻ چون ٿا، اِشٽ کي ڌارڻ ڪرڻ وارو من ئي آهي.

पवन: पवतामस्मि राम: शस्त्रभृतामहम्।

झषाणां मकरश्चास्मि स्त्रोतसामस्मि जाह्नवी।।३१।।

”پَوَنهہ پَوتامَسمِي رامَهہ شَسترَ ڀرتامَهم

جهشاڻام مَکَرِ شِچاسِمِي سترِ تَسامَسِمي جاهِنوي (٣١)

پوتر ڪرڻ وارن ۾ مان وايو آهيان. شسترن ڌارين ۾ مان رام آهيان. ”رمنتي يوگمَهہ يَسِمِن سَ رامَهہ.“

يوگي ڪنهن ۾ رمڻ ڪندا آهن؟ انڀوَ ۾، ايشور اِشٽ روپ ۾ جيڪو آديش ڏيندو آهي، يوگي اُن ۾ رمڻ ڪندا آهن، رمندا آهن. اُن جاڳرتيءَ جو نالو رام آهي ۽ اُها جاڳرتي مان آهيان. مڇين ۾ مانگر مڇ(CROCODILE) ۽ ندين ۾ گنگا مان آهيان.

सर्गाणामादिरन्तश्च मध्यं चैवाहमर्जुन।

अध्यात्मविद्या विद्यानां वाद: प्रवदतामहम्।।३२।।

”سَرِ گاڻامادِرَنَتَشِچ مَڌيَم چئيواهَم ارجن

اڌياتَمَوِديا وِديا نام واڌَهہ پرَوَدَتا مَهَم (٣٢)

هي ارجن ! سرشٽين جو آدي، انت ۽ مڌيہ مان آهيان .

وديائن ۾ اڌياتم وديا مان آهيان. جيڪو آتما جو آڌيپتيہ ڏياري ٿو، اُها وديا مان آهيان. سنسار ۾ گهڻا پراڻيِ مايا جي آڌيپتيہ مان آهيان. راڳہ دويش، ڪال ڪرم سياوَ ۾ گڻن ڪان پريرت آهن، ان کي آڌيپتيہ مان ڪڍي آتما کي آڌيپتيہ ۾ وٺي وڃڻ واري وديا مان آهيان، جنهن کي اڌياتم وديا چوندا آهن- پرسپر، هڪن ٻئي سان ٿيندڙ ووادن، برهم چرچا ۾ جو فيصلو ڪندڙ آهي اُهو مان آهيان. ٻيا باقي نرنيہ تہ اڻنرنيہ ٿيندا آهن.

अक्षराणामकारोऽस्मि द्वन्द्वः सामासिकस्य च।
अहमेवाक्षयः कालो धाराहं विश्वतोमुखः।।३३।।

”اَڪِشراڻا مَڪاروسمي دِونِدوَهہ ساماسيڪسِيہَچ
اَهامَيواڪُشَيَهہ ڪالو ڌاتا هَمِ وِشوَ تو مُکهہ (٣٣)

ماهہ اکرن ۾ آڪار٠اونڪار ۽ سماسن ۾ دَونِدوَ نالي سماس آهيان. اڪشيڪال مان آهيان، قائم ڪال مان آهيان. وقت سدائين بدلجندڙ آهي، پر اُهو وقت جو سناتن آهي، ازلي آهي، اجر امر پرماتما ۾ پرويش ڏياري ٿو، اُها اوستا مان آهيان . ورات سروپ منعيِ هر هنڌ وياپت، سڀني جو ڌارڻ پوشڻڪرڻ وارو مان ئي آهيان.

मृत्युः सर्वहरश्चाहमुद्भवश्च भविष्यताम्।
कीर्तिः श्रीर्वाक्य नारीणां स्मृतिर्मेधा धृतिः क्षमा।।३४।।

”مِرِ تِيوُ سَرِوَهَرَ شچاهمُدِ ڀَوَشِچہ ڀَويشَيتا ۾
ڪِيرتِيهہ شِرِيرِ واڪچہ نارِيڻامِ سِمرِتيرِ ميڌا ڌرتِهہ ڪشَما (٣٤)

يوگيشور شري ڪرشن جي انوسار ” دِواوِمَئوُ پرُشَئہُ لوڪي ڪِشرَ شِڇاڪشَرَ ايوَ چ (اڌياءُ ١٥-١٦)

پرش ٻن ئي پرڪارن جا ٿين ٿا، ڪشر ۽ اڪشر (ناس ٿيندڙ ۽ امر) سمپورڻ ڀوتن آديجي اُتپتي ۽ ناس ٿيڻ وارا جي شرير ناس ٿيڻ وارا پرش آهن. هو نر، مادي، پرش يا استري ڪجهہ بہ چوائين شري ڪرشن جي شبدن ۾ پرش ئي آهن. ٻيو آهي

اڪثر پرش، جو لڪل چت جي استر ڪال ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ هن يوڳ پٿ ۾ استري پرش سيئي سمان استٿيءَ جا مهاپرش ٿيندا آيا آهن. پر هتي سمرتي شڪتي ، ٻُڌي وغيره استرين جا ئي گڻ ٻڌايا ويا. ڇا انهن سَدِ گڻن جي ضرورت پرشن کي نہ آهي؟ ڪهڙو اهڙو پرش آهي‌هو شريمان، ڪيرتوان وڪتا (ڳالهائيندڙ) سمرتي ۽ شڪتي ۾ سمپن، ميڌاوي(سياڻو، سمجهو)ڌيرجوان ۽ معافي ڏيڻ وارو ڪمياوان نٿو بڻجڻ چاهي؟ ٻُڌي جي سطح تي ڪمزور ڇوڪرن ۾ اهم گڻن جو وڪاس ڪرڻ لاءِ ماتا پتا پڙهائي ڪان سواءِ ٻين گڻن لاءِ بہ ويوسٿا ڪن ٿا. هتي چون ٿا تہ هيءُ گڻ استرين ۾ ڏنا ويا آهن. هاڻي توهين ويچار ڪري ڏسو تہ استري ڪير آهي؟ حقيقت ۾ توهانجي هردي جي پرورتي آهي ''ناري'' ان ۾ هنن گڻن جو ڦهلاءُ وارو ٿيڻ گهرجي. انهن گڻن جو ڌارڻ استري لنگہ-پُلنگہ (استري-پرش) سيني جي لاءِ ڪمائتا آهن، جي مون ڪان ٿين ٿا.

बृहत्साम तथा साम्नां गायत्री छन्दसामहम्।
मासानां मार्गशीर्षोऽहमृतूनां कुसुमाकरः।।३५।।

بِرهَتِسام تَٿا سامِنامِ گايتري ڇَندً سامَهَمِ
ماسانامِ مارِگشيرشوهَمِرِ توُنام ڪُسُڪمارَهہ (٣٥)

ڳائڻ لائق شُرتيُن ۾ مان برهمتسام ارٿات برهت سان مليل سمتو ڏيارڻ وارو ڳائڻ آهيان معنيٰ اهڙي جاڳرتي مان آهيان. ڇندن ۾ گايتري ڇند مان آهيان. گايتري جو ڪو اُهو منتر نہ آهي، جنهن کي پڙهڻ سان مڪتي ملندي هجي ورنہ هڪ سميوراتمڪ ڇند آهي. ٽن پيرا ڦرتين ڪائڻ ڪانپوءِ رشي وشوامتر پاڻ کي اِشت جي لاءِ سمرپت ڪندي چيائين:

''اوم ڀورڀوَ سَوَهہ تَتسَوِتوُ وريڻِيَمِ ڀَرِگو ديوسيہ ڌِيمهي ڌِيويو نہ پرَچودياتّ'' معنيٰ ڀوُهہ، ڀُوَهہ ۽ سِوَهہ ٽنهي لوڪن

۾ تَتوَ روپ سان وِيايت ديو ! توهين ئي وَرڻيه آهيو. اسان کي اهڙي ٻُڌي ڏيو، اهڙي پريرڻا ڪريو ته اسين لڪشيه کي پراپت ڪريون. اهائي خاص هڪ پرارٿنا آهي. ساڌڪ پنهنجي ٻڌيءَ ڪان سچو نرنيه نٿو وٺي سگهي ته مان ڪڏهن صحيح آهيان ۽ ڪڏهن غلط اُنجي هيءَ سمرپت پرارٿنا مان آهيان، جنهن ۾ پڪ ئي پڪ ڪلياڻ آهي؛ چاڪاڻ ته هو منهنجي آسري ٿيو آهي. مهنن ۾ مٿيون مارگه (مانگهه) مان آهيان ۽ جنهن ۾ سدائين بهار هجي، اهڙي رُتِ هردي جي اهڙي اوستا به مان ئي آهيان.

द्युतं छलयतामस्मि तेजस्तेजस्विनामहम्।
जयोऽस्मि व्यवसायोऽस्मि सत्त्वं सत्त्ववतामहम्।।३६।।

دِيوُتَمِ ڇلَيَتامَسمي تيڄَسِتيڄَسوَ نامَهَمِ
جِيوسِمي وِيوَسايوسِمي سَتوَم سَتِيَوَتا مَهَمَ (٣٦)

تيڄسوي پرشن جو تيج مان آهيان. جوئا ۾ ڇل ڪرڻ وارن جو ڇل مان آهيان. تڏهن ته سٺو آهي، جوئا کيليون اُن ۾ ڪَلَ بَلَ ڇَلَ ڪيون، اهوئي پڳوان آهي. نه، اهڙو ڪجهه ڪونه آهي. هيءَ پرڪرتي ئي هڪ جوئا آهي. اهائي نڳني، نڳڻ واري به آهي. هن پرڪرتي جي جهڳڙي کي ڪيڻ جي لاءِ ڏيڪاءُ ڇڏي لڪ لڪاءَ سان گپت روپ سان پڇن ڪرڻ به ڇل آهي. ڇل آهي ته ڪونه، پر بچاءَ جي لاءِ ضروري آهي. جڙ ڀرت وانگر چريو، انڌو ٻوڙو ۽ گونگي وانگر هرديه سان چاٽندڙ هوندي به نه ٻڌي، ڏسندي به نه ڏسي، اهوئي لڪي پڇن ڪرڻ جو وڏان آهي تڏهن ساڌڪ پرڪرتي پرش جي جوئا ۾ پارُ پائي ٿو. ڪٺڻ وارن جي سوپ مان آهيان ۽ واپارين جو نشچو (جنهن کي اڌياءَ ٻئين، شلوڪ ايڪيتاليهه ۾ چئي آيا آهيون هن يوگه ۾ نشچياتمڪ ڪِريا هڪ آهي، ٻُڌي هڪ ئي آهي. دشا، طرف به هڪ ئي آهي اهڙي) ڪرياتمڪ ٻُڌي مان آهيان. ساتوڪ پرشن جو تيج مان آهيان ۽

اؤج مان آهيان.

वृष्णीनां वासुदेवोऽस्मि पाण्डवानां धनञ्जयः।
मुनीनामप्यहं व्यासः कवीनामुशना कविः।।३७।।

ورشڻينام واسُديوُسمي پانڊوانام ڌننڄيهَ
مُنينامَپيهَمِ وياسَهَ ڪوينامُشنا ڪويهَ (٣٧)

ورشڻي ونشن ۾ مان واسديو ارٿات سڀ هنڌ واس ڪرڻ وارو ديو آهيان. پانڊون ۾ مان ڌننڄيه آهيان. پُڇ ئي پانڊو آهي ۽ آتمڪ سمپتي ئي استر سمپتي آهي. پڇ ڪان اُتساهه پائي آتمڪ سمپتي کي گڏ ڪرڻ وارو ڌننڄيه مان آهيان. مُنين ۾ مان وياس آهيان. پرم تَتوَ جي ظاهر ڪرڻ بي جنهن ۾ سمرٿي آهي، اُهو مُني مان آهيان. ڪوين ۾ اُشنا معنيٰ اُن ۾ پرويش ڏيارڻ وارو ڪاويه ڪار مان آهيان.

दण्डो दमयतामस्मि नीतिरस्मि जिगीषताम्।
मौनं चैवास्मि गुह्यानां ज्ञानं ज्ञानवतामहम्।।३८।।

ڌنڊو دَمَيَتامَسمي نيتيرسِمَ جگيشتامِ
مؤنَمِ چئياسمي گُهيانامِ گِيانَمِ گيانَوَتامَهمِ (٣٨)

دمن ڪرڻ وارا ۾ دمن جي شڪتي مان آهيان. جيتَڻ جي اڇا ڪرڻ وارن ۾ جيت مان آهيان. ڳجهي رکڻ لائق ڀاوَن ۾ مَ ؤن مان آهيان ۽ گيانوانن ۾ ساڪيات سان ملائڻ واري ڄاڻ، پورڻ گيان مان آهيان

यच्चापि सर्वभूतानां बीजं तदहमर्जुन।
न तदस्ति विना यत्स्यान्मया भूतं चराचरम्।।३९।।

يَچاپي سَريوَ ڀوُتانام بيجَمِ تَدَهَمَرجُن
نَ تَدَستي ونايَتِسيانِمَيا ڀوُتمِ چرا چَرَمِ ।। (٣٩)

ارجن !سيني ڀوتن جي اُتپتي جو ڪارڻ بہ مان ئي آهيان، چاڪاڻ چر ۽ اچرَ اهڙو ڪوئي ڀوت نہ آهي جو مونکان رَهِت هجي. مان هرهنڌ وياپت آهيان. سڀ منهنجي ئي اِڇا سان آهن.

नान्तोऽस्ति मम दिव्यानां विभूतीनां परन्तप।
एष तूद्देशतः प्रोक्तो विभूतेर्विस्तरो मया।।४०।।

نانتوسِتي مَمَ دِوِيانام وِڀوُتينام پرنتپ
ايش توُ ديشَتَهَ پرووِڪتو وِڀوُتيرِوِستَرومَيا (۴۰)

پرنتپ ارجن! منهنجون دِويه وڀوتين جو انت نہ آهي. پنهنجي وڀوتين جو وستار تہ مون ٿوري ۾ ڪيو آهي، حقيقت ۾ هو اننت آهن.

هن اڌياءَ ۾ ڪجهہ ئي وڀوتين جو ڪليءَ طرح ذڪر ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ ايندڙ اڌياءَ ۾ ارجن انهن سڀني کي ڏسڻ ٿو چاهي ڇاڪاڻ تہ ظاهر درشن سان ئي ويڀوتيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون. ويچار ڌارا کي سمجهڻ جي لاءِ ان ۾ تورو ارٿ ڏنو ويو آهي.

यद्यद्विभूतिमत्सत्त्वं श्रीमदूर्जितमेव वा।
तत्तदेवावगच्छ त्वं मम तेजोंऽशसम्भवम्।।४१।।

يَدِ يَدِوَيِوتيمَتسَوم شِرپمدوُر جِتَميوَ وا ا
تَتَدِيواوگڇہ تُومَ مَمَ تيجونِشَسَمِيَوَم اا (۴۱)

جيڪي جيڪي عيشوريہ ڪرانتي سان ڀريل ۽ شڪتيءَ واريون وستو آهن، اُن اُن کي تون منهنجي تيج جو هڪ انش ماتر مان اُتپن ٿيل ڄاڻ.

अथवा बहुनैतेन किं ज्ञातेन तवार्जुन।
विष्टभ्याहमिदं कृत्स्नमेकांशेन स्थितो जगत्।।४२।।

اَٿوا بَهوُنَئيتين ڪِم گياتينَ توارِ جُنَ ا
وِشٽو ڀياهمِدَم ڪِرتِسنَميڪانِشين اِستٿو جَگَتِ اا (۴۲)

هاڻي ارجن! هن کي گهڻو ڄاڻڻ جو تنهنجو ڪهڙو پريوجن آهي؟ مان هن سمپورڻ جڳت کي هڪ انش ماتر سان ڌارڻ ڪري اسٿت آهيان.

مٿي ڏنل وڀوتين جي ورڻن جو تاتپرج اهو نہ آهي تہ توهان يا ارجن انهن سڀني شين کي پوڄڻ لڳو بلڪ شري ڪرشن جو

ارادو فقط ايترو ئي آهي تہ هنن سڀني مان شرڌا سميٽي فقط اُن اوناشي پرماتما ۾ لڳايون. ايتري سان هنجو فرض پورو ٿو ٿئي.

تاتپرج :-

هن اڌياءَ ۾ شري ڪرشن چيو تہ، ارجن! مان توکي وري اپديش ڪندس ڇاڪاڻ تہ تون مونکي تمام پيارو آهين. پهرين چئي چڪا آهيون، وري ٻڌائي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ پورڻ ستگروءَ کان ٻڌڻ جي ضرورت رهي ٿي. منهنجي اتپتيءَ کي نہ ديوتا ۽ نہ مهرشي ڳڻ ئي ڄاڻن ٿا. ڇاڪاڻ مان اُنهن جو بہ آدي ڪارڻ آهيان ڇاڪاڻ تہ اويڪت استٿي کان پوءِ جي ساروَ ڀئوم اوستا کي اُهوئي ڄاڻي ٿو، جو ٿي چڪو آهي. جيڪي مونکي اجنما، انادي ۽ سمپورڻ لوڪن جو مهان ايشور کي ساکياتڪار سهت ڄاڻي ٿو اُهوئي گياني آهي.

ٻڌي، گيان، اَسَمِ موڙمتا، اندرين کي روڪڻ، من جو ظابطو، سنتوش، تَپُ، دان ۽ ڪيرتيءَ جا ڀاوَ ارٿات دَئوي سمپد جا ٻڌايل لڪشڻ منهنجي دين آهن. ست مهرشيجن، معنيٰ يوگہ جون ست ڀومڪائون، اُن کان بہ پهرين ٿيڻ وارو سَمَ انتهڪرڻ جا چار روپ ۽ اُنهن جي سني خيال سان من جو سِوَيَمڀِوُ آهي، سويم رچيتا آهي، هي سڀ مون ۾ ڀاوَ رکڻ وارا لڳاءُ ۽ شرڌا وارا آهن، جن جي سنسار ۾ سمپورڻ پرجا آهي، هي سڀ مون مان اُتپن آهن ارٿات ساڌناميي پرورتيون منهنجي ئي پرجا آهن. اُنهن جي اُتپتي پاڻ مان نہ، گروءَ مان ٿيندي آهي. جو مٿي چيل منهنجون وڀوتين کي ساکيات ڄاڻي ٿو وٺي، اُهو بنا ڪنهن شڪ جي مون ۾ هڪ ڀاوَ سان پرويش ڪرڻ يوگيہ آهي.

ارجن! مان ئي سڀني جي اُتپتيءَ جو ڪارڻ آهيان. ائين جو شرڌا سان ڄاڻي ٿا وٺن اُهي انينيہ ڀاوَ سان منهنجو چنتن ڪن

ٿا. هميشه مون ۾ من، ٻڌي ۽ پراڻن سان لڳڻ وارا ٿيندا آهن، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان منهنجو گڻ-چنتن ۽ مون ۾ سمائجي وڃن ٿا. اُنهن نرنتر مون سان گڏيل پرشن کي مان يوگ ۾ پرويش ڪرڻ واري ٻُڌي پردان ڪريان ٿو. اها به منهنجي ئي دين آهي. ڪهڙي پرڪار ٻُڌي يوگ ڏيو ٿا؟ ته ارجن! ”آتم ڀاوَسِيَه“. اُنهن جي آتما ۾ جاگرت ٿي ڪڙو ٿي وڃان ٿو ۽ اُنهن جي هردي ۾ اگيان مان اُتپن ٿيل انڌڪار کي گيان روپي ديپڪ سان نشٽ ڪريان ٿو.

ارجن سوال ڪيو ته ڀڳوان! توهين پرم پوتر، سناتن، ديوتا سروپ، اَتي سندر انادي ۽ هرهنڌ وياپت آهيو. ائين مهرشي گڻ چون ٿا توڙي ورتمان ۾ ديورشي نارد، ديول، وياس ۽ توهين به ائين چئو ٿا. اهو سچ به آهي ته توهان کي نه ديوتا ڄاڻن ٿا نه دانوَ. توهين پاڻ جنهن کي ڄاڻايو ٿا، اهو ئي ڄاڻي ٿو. توهين ئي پنهنجي وڀوتين کي چوڻ ۾ سمرٿ آهيو. هاڻي جناردن! توهين ئي پنهنجي وڀوتيون وستار سان ٻڌايو. پريپورڻ اشٽ ڪان ٻڌڻ جي اتڪنٺا ٻڻي رهي. اڳيان اشٽ جي وِشوَ ۾ ڇا آهي؟ اُن کي ساڳ ڇا ڄاڻي. ان تي يوگيشور شري ڪرشن هڪ هڪ ڪري پنهنجون ايڪاسي وڀوتين جا لڪشڻ ٿوري ۾ ٻڌايا. جن مان ڪجهه ته يوگ ساڌن ۾ پرويش ڪرڻ سان گڏ ملڻ واريون ۽ جهيون قائم وڀوتين جو چترڻ آهي ۽ باقي ڪل سماج ۾ رِڌين سڌين سان گڏ پائڻ واريون وڀوتين تي روشني وڌي ۽ پڇاڙيءَ ۾ اُنهن زور ڏيئي چيو ارجن! گهڻو ڪجهه ڄاڻڻ سان تنهنجو ڪهڙو پريوجن آهي؟. هن سنسار ۾ جيڪو ڪجهه به تيج ۽ عيشوريه يڪت وستو آهن، اُهي منهنجي انش ماتر تيج ۾ استٿ آهن. حقيقت ۾ منهنجون وڀوتيون اپار آهن. ائين چوندي يوگ يشور من اڌياءَ کي پورو ڪيو.

هن اڌياءَ ۾ شري ڪرشنپنهنجي وڀوتين جي ماتر ٻوڌڪ

چاڻ ڏني، جنهن سان ارجن جي شرڌا سيني طرفن مان سميٽجي هڪ اِشت ۾ لڳي وڃي، پر ڀائرو ! سڀ ڪجهہ ٻڌڻ ۽ اُن راز کي چڱيءَ طرح سمجھڻ کانپوءِ بہ وڏيڪ ڄاڻڻ اڃا باقي رهي ٿو. هيءُ ڪرياتمڪ پٿ آهي، راهہ آهي.

سمپورڻ اڌياءَ ۾ يوگيشور جي وڀوتين جو ئي ورنن آهي . هاڻي .

اوم تَتِسَدِتي شريمد ڀڳود گيتا پنشتِسوُ برهم وديايامِ يوگہ شاستري شري ڪرشڻ ارجُن سَموادي ''وڀوتي وَرِڻمِ'' نام دَشَموڏيايَہ ١١ ١٠١١

اهڙي طرح شريمد ڀڳودِ گيتا روپي اُپنِشَد ايوَمِ برهم وديا تٿا يوگشاستر وشيڪ سري ڪرشن ۽ ارجن جي سنواد ۾ ''وڀوتي ورڻن'' نالي ڏهون اڌياءُ پورو ٿئي ٿو.

اِتي شريمتپرمهنس پرمانندسيہ شِشيہ سوامي اڙگڙانند ڪِرتي شريمدِ ڀڳَوَدِ گيتا ياهہَ ''يٿارٿ گيتا'' ڀاشِيي''وڀوتي ورڻنم '' ناما دشمو ڏيايهہ ١١٠١١١

١١هري اوم تَتِ سَتِ١١.